ABC Certified
Reg No 2677
روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com
جلد :12 | اڱارو 05 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 20 جمادي الاول 1445ھ | شمارو:55 | قيمت10 رپيا

جنرل باجوه ڊونلڊ لو جي چوڻ تي سڀ ڪجھ ڪيو، لکي ڏيان ٿو عام چونڊون پي ٽي آءِ کٽيندي: عمران خان

مان لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ته ايندڙ عام چونڊن ۾ پي ٽي آءِ ڪاميابي ماڻيندي . سائفر ڪيس ۾ جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوه ۽ آمريڪي سفارتخاني جي آفيشلز کي گواهه بڻائيندس

مون کي جهڙي طرح پڪڙيو ويو اهو سڀ هڪ پلان هو. لنڊن پلان نواز شريف کي آڻڻ اسان کي جيلن ۾ وجهڻ ۽ پي ٽي آءِ کي ختم ڪرڻ لاءِ هو

9 مئي لنڊن پلان جو حصو هو. مون کي غير آئيني طور تي پڪڙيو ويو. 48 ڪلاڪن ۾ اسان جي 10 هزار ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو

ياسمين راشد واضح طور تي چئي رهي هئي ته ماڻهو ڪور ڪمانڊر هائوس جي اندر نه وڃن، سي سي ٽي وي ڏسي وٺو انهن کي اندر ڪير وٺي ويو

ل ۾ مون کي ڪنهن به قسم جي پريشاني نه آهي، جيل ۾ رهڻ عبادت سمجهندو آهيان، جيل ۾ رهڻ سان مون تي ڪوبه فرق نٿو پوي

قسم کڻڻ لاءِ تيار آهيان ته مون بشريٰ بي بي کي تڏهن ڏٺو جنهن ڏينهن نڪاح ٿيو. منهنجي ٻارن کي پنهنجي والده جي خلاف بيان ڏيڻ جو چيو پيو وڃي : اڊيالا جيل ۾ صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه

راولپنڊي (م ر د) پي ٽي آءِ جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان چيو آهي ته اڳوڻي آرمي چيف جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوه ڊونلڊ لو جي چوڻ تي سڀ ڪجھ ڪيو. باجوه کي عدالت گهرائيندس. مان لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ته ايندڙ عام چونڊن ۾ پي ٽي آءِ ڪاميابي ماڻيندي. اڊيالا جيل ۾ صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه دوران اڳوڻي وزيراعظم عمران خان چيو ته سائفر ڪيس ۾ جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوه ۽ آمريڪي سفارتخاني جي آفيشلز کي گواهه بڻائيندس. هڪ سوال جي جواب ۾ عمران خان چيو ته مون سان اڊيالا جيل ۾ ڪيرب نه مليو آهي نه ٿي وري ڳالهيون ڪيون آهن لکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ايندڙ چونڊون پي ٽي آءِ کٽيندي. عمران خان چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

صارفين سان دوکو، ايوريج بل موڪلڻ ۽ 30 ڏينهن کان وڌيڪ بلنگ ڪرڻ جو انڪشاف

نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) جي انڪوائري ڪميٽي بجلي ڪمپنين طرفان اوور بلنگ تي جاچ مڪمل ڪري ورتي

جاچ ۾ بجلي ڪمپنين طرفان ايوريج بل موڪلڻ ۽ 30 ڏينهن کان وڌيڪ بلنگ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي

ڪمپنين طرفان 30 ڏينهن کان وڌيڪ جي بلنگ ڪرڻ سان لکين صارفين متاثر ٿيا، خراب ميٽر وقت تي تبديل نه ڪرڻ سان بجلي ڪمپنين ايوريج بل موڪليا : رپورٽ

بجلي ڪمپنين پنهنجي نااهلي لڪائڻ لاءِ چاٽي واٽي بدديانتي ڪئي ۽ بجلي ڪمپنين جي نااهلي سان گهٽ بجلي استعمال ڪندڙن کي وڌيڪ بل موڪليا ويا

نيپرا بجلي ڪمپنين کي نوٽيس موڪلي وضاحت طلب ڪري ورتي ۽ 30 ڏينهن ۾ خراب ميٽرن کي تبديل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

خراب ميٽرن کي جلد تبديل ڪرڻ، غلط بلن کي درست ڪرڻ جو حتمي وقت ڏنو ويو آهي، ٻي صورت ۾ مقرر وقت تائين عملدرآمد نه ڪندڙ ڪمپنين خلاف ڪارروائي ٿيندي : پڌرائي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪي اليڪٽرڪ سميت بجلي ڪمپنين طرفان ايوريج بل موڪلڻ ۽ 30 ڏينهن کان وڌيڪ بلنگ ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آهي. نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) جي انڪوائري ڪميٽي بجلي ڪمپنين طرفان اوور بلنگ تي جاچ مڪمل ڪري ورتي. پڌرائيءَ موجب جاچ ۾ بجلي ڪمپنين طرفان ايوريج بل موڪلڻ ۽ 30 ڏينهن کان وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جا پول پڌرا ڪيان ته منهن نه لڪائي سگهندا: عون چوڌري

پاڻ کي قوم جو ليڊر چوندڙ پاڻ ڪوڙ ڳالهائي ته منهنجو فرض آهي سچ سامهون آڻيان

عمران خان ۽ بشريٰ بي بي نڪاح کان اڳ ڪيترائي ڀيرا مليا ۽ هڪٻئي کي ڏٺو به هو

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ عون چوڌري، عمران خان طرفان بشريٰ بي بي جو چهرو نه ڏسڻ جي دعويٰ کي صديءَ جو سڀ کان وڏو ڪوڙ قرار ڏئي ڇڏيو. ان تي ردعمل ڏيندي تحريڪ انصاف جي اڳوڻي اڳواڻ عون چوڌري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اسلام آباد: چيئرمين سينيٽ محمد صادق سنجراڻي سان گوادر چيمبر آف ڪامرس جو وفد ملاقات ڪندي

شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جو اهم اجلاس

حيدرآباد (رپورٽر) سکر جي سينئر صحافي شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس طرفان 10 ڊسمبر تي حيدرآباد ۾ اعلانيل آل سنڌ صحافي ڪنوينشن جي سلسلي ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جو اجلاس ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ سڄي سنڌ جي صحافين کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

بلاول ڀٽو زرداري نوازشريف جو مقابلو نٿو ڪري سگهي: طلال چوڌري

بلاول ڀٽو پنهنجو سياسي قد وڌائڻ لاءِ ن ليگ جي اڳواڻن کي تنقيد جو نشانو بڻائي رهيو آهي

نوازشريف اڳ ئي ناممڪن کي ممڪن ڪيو آهي ۽ پيپلز پارٽي جيڪو ڪيو ٿو جي دور ڪيو

انترا پارٽي چونڊن ۾ اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين کي ڪوبه وفادار ساٿي ياد نه آيو

لاهور (م ر د) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ طلال چوڌري ب ب چيئرمين بلاول ڀٽو مٿان سخت تنقيد ڪندي چيو آهي ته بلاول ڀٽو پنهنجو سياسي قد وڌائڻ لاءِ ن ليگ جي اڳواڻن کي تنقيد جو نشانو بڻائي رهيو آهي. نجي چينل سان ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

دبئي: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي عرب امارات جي وزير مملڪت محترمه عهود بنت خلفان الرومي دبئي جي المڪتوم انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي الوداع ڪندي

نوازشريف ۽ مولانا فضل الرحمان وچ ۾ اهم ملاقات: چونڊن ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ تي ڳالهيون

ملاقات ۾ مريم نواز، سينيٽر اسحاق ڊار، احسن اقبال، خواجه سعد رفيق، مريم اورنگزيب ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا

ملاقات دوران ملڪ جي گڏيل سياسي صورتحال جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون ويون

ايندڙ عام چونڊن سميت ٻين پارٽين جي سياسي حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو

اسلام آباد (م ر د) نوازشريف ۽ مولانا فضل الرحمان وچ ۾ اهم ملاقات ٿي آهي جنهن ۾ چونڊن ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ جي فارمولي تي ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: نوازشريف ۽ مولانا فضل الرحمان وچ ۾ اهم ملاقات ٿي رهي آهي

سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ شڪايت: جسٽس مظاهر رجسٽرار جي نوٽيس جو جواب جمع ڪرائي ڇڏيو

اسلام آباد (م ر د) سپريم ڪورٽ جي جسٽس مظاهر اڪبر نقوي سپريم جوڊيشل ڪائونسل ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

سپريم ڪورٽ جو جسٽس مظاهر اڪبر نقوي

راڻا ثناءُالله دانيال عزيز جي احسن اقبال تي تنقيد کي ٽڪيٽ جو جهيڙو قرار ڏئي ڇڏيو

جيڪڏهن مهانگائي جو مسئلو هو ته دانيال عزيز 16 مهينن جي حڪومت دوران خاموش ڇو رهيو؟ : راڻا ثناءُالله

دانيال عزيز جي احسن اقبال تي تنقيد جو سبب چونڊ ٽڪيٽ جو جهيڙو آهي

دانيال عزيز ان تڪ تي اويس قاسم ۽ احسن اقبال پنهنجي پٽ احمد اقبال کي ميدان ۾ لاهڻ چاهيو ٿي

اڳوڻو وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله، دانيال عزيز ۽ احسن اقبال (فائيل فوٽو)

لاهور (م ر د) مسلم ليگ (ن) پنجاب جي صدر ۽ اڳوڻي وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله پارٽي اڳواڻ دانيال عزيز جي پارٽي جي سيڪريٽري جنرل احسن اقبال تي تنقيد کي چونڊ ٽڪيٽ جو جهيڙو قرار ڏئي ڇڏيو آهي. دانيال عزيز مسلم ليگ (ن) جي سيڪريٽري جنرل احسن اقبال کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي چيو هو ته ملڪ ۾ موجوده مهانگائي جو ذميوار احسن اقبال آهي ڇو ته اهو ئي پرائيس ڪنٽرول ڪميٽي جو سربراهه هو دانيال عزيز چيو هو ته جيڪڏهن سيني کي خبر هئي ته ملڪ ۾ مهانگائي جي ذميوار پي ٽي آءِ آهي ته پوءِ اسان اهو بيان ڇو نه ڏنو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سائفر ڪيس: عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي تي 12 ڊسمبر تي فرد جرم لاڳو ڪئي ويندي

آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائم ڪيل خصوصي عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين ڪئي

پي ٽي آءِ جي چيئرمين ۽ شاهه محمود قريشي کي ڪيس جي نقل ڪاپي ڏني وئي

راولپنڊي (م ر د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهه محمود قريشي تي سائفر ڪيس ۾ 12 ڊسمبر تي فرد جرم لاڳو ڪئي ويندي. اڊيالا جيل ۾ سائفر ڪيس جي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائم ڪيل خصوصي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

نيب چيئرمين هائوسنگ اسڪيمن لاءِ نئين پاليسي آڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

هر 10 مان 7 ماڻهو هائوسنگ اسڪيمن جي فراڊ جو شڪار آهن : نيب چيئرمين

شهرين کي هائوسنگ اسڪيمن جي فراڊ کان بچائڻ لاءِ نئين پاليسي آڻي رهيا آهيون

لاهور (م ر د) نيب چيئرمين هائوسنگ اسڪيمن لاءِ نئين پاليسي آڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. لاهور ۾ تقريب سان خطاب ڪندي نيب چيئرمين چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بجلي مهانگي ٿيڻ باوجود گردشي قرض ۾ واڌ

رڳو آڪٽوبر 2023 جي هڪ مهيني ۾ سرڪلر ڊيٽ ۾ 74 ارب رپين جي واڌ ٿي

جولاءِ کان آڪٽوبر 2023 تائين پاور سيڪٽر جو سرڪلر ڊيٽ 301 ارب رپيا وڌيو

اسلام آباد (م ر د) بجلي اگهن ۾ تاريخي واڌ باوجود گردشي قرض تيزيءَ سان وڌيو آهي. دستاويز موجب پاور سيڪٽر جو سرڪلر ڊيٽ آڪٽوبر 2023 تائين وڌي 2611 ارب رپين تي پهچي ويو. رڳو آڪٽوبر 2023 جي هڪ مهيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

عام چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن کي فنڊز ڏيڻ جي خاطري

سيڪريٽري فنانس امداد الله اليڪشن ڪميشن اختيارين سان ملاقات ڪئي

اليڪشن ڪميشن فنڊز جي فراهمي لاءِ 14 نومبر تي خط لکيو : ناڻي بابت سيڪريٽري

جيڪو ناڻي وزارت کي 18 نومبر تي مليو. فنڊ جاري ڪرڻ لاءِ مختلف سطح تي منظوري ضروري آهي

دبئي: ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب دبئي ۾ منعقد پوملين مرئير ڪانفرنس ۾ ويٺل آهي

اسلام آباد (م ر د) وفاقي ناڻي وزارت 8 فيبروري تي عام چونڊن لاءِ اليڪشن ڪميشن کي هڪ ٻن ڏينهن ۾ گهربل فنڊز جاري ڪرڻ جي خاطري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي ۾ قورن اسپتال کي به نه ڇڏيو، قيمتي شيون چوري

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ قورن اسپتال کي به نه ڇڏيو ۽ اهم سامان کڻي فرار ٿي ويا. پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

گمبٽ پرسان هٿياربندن جي فائرنگ: نوجوان استاد قتل

هٿياربندن مبينه فائرنگ ڪري ڊيوٽي تي ويندڙ استاد وسيم ڪوڪر کي قتل ڪري ڇڏيو

پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال پهچايو جڏهن ته واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو

گمبٽ (رپورٽر) اڳرا ٿاڻي جي حد ٻيلهاڙو پرسان تعليم دشمن هٿياربندن مبينه فائرنگ ڪري ڊيوٽي تي ويندڙ آءِ بي اي پاس نوجوان استاد وسيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

رپئي جي قيمت ۾ واڌ، ڊالر سستو ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر جو قدر 284 رپيا 53 پئسا آهي : اسٽيٽ بئنڪ

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 50 پئسا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 285 رپين 50 پئسن جو آهي

ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) انٽربئنڪ ۾ سومر ڏينهن ڊالر جو اگهه 44 پئسا گهٽجي ويو. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽر بئنڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملڪ رياض جا گرفتاري وارنٽ جاري

اسلام آباد جي احتساب عدالت جوابدارن جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا

علي احمد رياض جا به ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا

اسلام آباد (م ر د) اسلام آباد جي احتساب عدالت القادر ٽرسٽ ريفرنس ۾ پراپرٽي ٽائيڪون ملڪ رياض، وزيراعظم جي اڳوڻي خاص مددگار مرزا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نگران حڪومت جا سمورا معاملا پيپلزپارٽي جا اڳوڻا وزير هلائي رهيا آهن: ايم ڪيو ايم اڳواڻ

سنڌ ۾ ڪا به نگران حڪومت ناهي، سنڌ جي نگران حڪومت پيپلز پارٽي جي اٽرهيٽ آهي : خالد مقبول صديقي

پيپلز پارٽي جا سمورا اعتراض اليڪشن ڪميشن منظور ڪيا آهن : فاروق ستار

پيپلز پارٽي 15 سالن کان سنڌ جي وسيلن تي قبضو ڪيو آهي، سول ادارن تي به قبضا آهن

ڪراچي: ايم ڪيو ايم پاڪستان اڳواڻ ڊ مقبول صديقي ۽ فاروق ستار ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم جي ڪنوينر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته سنڌ ۾ ڪا به نگران حڪومت ناهي، سنڌ جي نگران حڪومت پيپلز پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ زبردست تيزي، نئون رڪارڊ قائم ٿي ويو

ڪراچي (م ر د) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 62 هزار جي سطح پار ڪري ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اليڪشن ڪميشن چونڊن لاءِ رقم رليز نه ڪرڻ واري معاملي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو، ناڻي واري سيڪريٽري طلب

ناڻي واري وزارت هيناتر تائين 10 ارب روپيه اليڪشن ڪميشن کي ڏنا آهن : ذريعا

8 فيبروري 2024 جي جي عام چونڊون منعقد ڪرڻ جي لاءِ اليڪشن ڪميشن کي فوري طور تي 17 ارب رپين جي ضرورت آهي

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ڪميشن فيبروري 2024 ۾ ٿيندڙ عام چونڊن جي لاءِ فنڊز رليز نه ڪرڻ تي ناڻي واري سيڪريٽري کي طلب ڪري ورتو ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن بجيٽ ۾ عام چونڊن لاءِ رکيل رقم رليز نه ڪرڻ جي معاملي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي پوليس ڏاڙيل بڻجي وئي: واپاري کي اغوا ڪري 19 لک روپيه پنگ طلب، 2 سپاهين سميت 3 سوگهه

اهلڪار رفيق ڪلاڪوٽ ٿاڻي تي مقرر سپاهي يونس ۽ سنڌن مخبر ساٿي سرفراز هيسباڻي کي گرفتار ڪيو ويو

جوابدارن واپاري مرزا احتشام بيگ کي اغوا ڪرڻ کان پوءِ سنڌن وارثن سان فون تي رابطو ڪندي ڪين هدايتو ته اسان جو تعلق ڳجهي ايجنسي سان آهي : ايس ايس پي

ڪراچي (م ر د) ڪراچي پوليس ڏاڙيلن جيان ڪارروايون ڪرڻ لڳي، واپاري کي اغوا ڪري سنڌن وارثن کان 29 لک روپيه پنگ طلب ڪيو ويو. ڪارروائي دوران 3 پوليس اهلڪار سوگهه ٿي ويا. ان حوالي سان هدايو پيو وڃي گارڊن هيڊ ڪوارٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

غير قانوني افغانين جي واپسي جاري، 4 لک مان مٿي روانا ٿي ويا

غير قانوني طور رهندڙ افغانين جو وڏو انگ واپس وڃي رهيو آهي : حڪومت

غير قانوني افغانين جو ڪُل انگ 4 لک 7 هزار 680 تائين پهچي چڪو آهي

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان ۾ غير قانوني طور رهندڙ افغانين جي واپسيءَ جو سلسلو جاري آهي. پاڪستان حڪومت جي اعلان ڪانپوءِ غير قانوني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

خدشا ختم نه ٿيا ته ملڪ ۾ نظام درهم برهم ڪري ڇڏينداسين: جي ڊي اي

صوبائي اليڪشن ڪمشنر ۽ نثار دراني پيپلز پارٽي جو حلف يافته ڪارڪن طور ڪم ڪري رهيا آهن

سموري صورتحال پير صاحب پاڳاري آڏو رکي ڇڏي آهي، اهو مشورا ڪري رهيو آهي، پير صاحب پاڳارو جيڪا هدايت ڪندو ان تي دل سان عمل ڪيو ويندو

چاٽي واٽي جي ڊي اي جي تڪن ۾ پيپلزپارٽي جي چوڻ تي من پسند تڪبنديون ڪيون آهن جنهن جو مقصد مخالفن کي چونڊ عمل کان پري رکڻ آهي

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڪراچي (رپورٽر) گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) اڳواڻن اليڪشن ڪميشن ۽ نگران سنڌ حڪومت کي چتاءُ ڏنو آهي ت اڳر چونڊن کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ملڪ ۾ سيمينٽ جو وڪرو 2.12 سيڪڙو گهٽجي 3.924 ملين ٽن ٿي ويو

ڪراچي (م ر د) آل پاڪستان سيمينٽ مينوفيڪچررز ايسوسي ايشن موجب نومبر 2023 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

غوٿپور پرسان ٻن وينن ۾ زوردار ٽڪر، 5 مسافر اجل جو شڪار

انڊس هاءِ وي تي ڳوٺ ٻگن خان بجاراڻي پرسان خوفناڪ روڊ حادثو پيش آيو

حادثي جي اطلاع ملندي ئي ريسڪيو ٽيمون موقعي تي پهچي ويون

ڪنڊڪوٽ (رپورٽر) غوٿپور پرسان انڊس هاءِ وي تي ڳوٺ ٻگن خان بجاراڻي پرسان خوفناڪ روڊ حادثو پيش آيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ 5 مسافر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

بشير ميمڻ آفيسرن کي ڌمڪائي رهيو آهي: سعيد غني

فوج اڻ ڏريو رهڻ جو اعلان ڪيو ته پي ٽي آءِ جو اڳوڻو چيئرمين فوج جي ڪڍ پئجي ويو

بشير ميمڻ آفيسرن کي فون ڪري چوي ٿو ته توهان جو اهڙو حشر ڪندس جو ياد رکندئو

پيپلزپارٽي جي چوڻ تي نگران حڪومت ۾ ڪو به آفيسر نه لڳايو ويو آهي، سڀ گڏجي به پيپلزپارٽي کي شڪست ڏئي نه ٿا سگهن

ڪراچي : اڳوڻو صوبائي وزير سعيد غني ۽ بشير ميمڻ (فائيل فوٽو)

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته فوج اڻ ڏريو رهڻ جو اعلان ڪيو ته پي ٽي آءِ جو اڳوڻو چيئرمين فوج جي ڪڍ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

منهنجي سموري سروس شاهد آهي ته ڪيريئر دوران ڪڏهن به ڪنهن کي ڌمڪي نه ڏني : بشير ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) نون ليگ سنڌ جي صدر بشير ميمڻ سعيد غني جي الزامن تي جواب ۾ چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ايڇ اي سي جي منظوري بنا ڊگريون جاري ڪندڙ يونيورسٽين بابت اهم فيصلو

بنا ايڇ اي سي منظوري جي ڊگريون جاري ڪندڙ يونيورسٽين خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

سينيٽ ڪميٽي جو اجلاس عرفان صديقي جي سربراهي ۾ ٿيو

اسلام آباد (م ر د) سينيٽ جي ايجوڪيشن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ بنا ايڇ اي سي منظوري جي ڊگريون جاري ڪندڙ يونيورسٽين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

نادرا طرفان سمنڊ پار پاڪستانين لاءِ ڊجيٽل پاور آف اٽارني جاري ڪرڻ جي سهولت فراهم

جديد ترين سهولت سبب پاڪستان ۾ رهندڙ ڪنهن به شخص کي پاور آف اٽارني ملڻ انتهائي آسان ٿي ويو

سمنڊ پار پاڪستانين لاءِ پاور آف اٽارني جاري ڪرڻ جي شاندار سهولت "ڊجيٽل پاور آف اٽارني" متعارف ڪرائي وئي : نادرا

اسلام آباد (م ر د) نادرا طرفان سمنڊ پار پاڪستانين لاءِ ڊجيٽل پاور آف اٽارني جاري ڪرڻ جي سهولت فراهم ڪئي وئي آهي. ٻاهرين ملڪ رهندڙ پاڪستانين لاءِ نادرا جي جديد ترين سهولت سبب پاڪستان ۾ رهندڙ ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

پشتون تحفظ موومينٽ سربراهه منظور پشتين گرفتار

پوليس، ليويز ۽ ايف سي جا اهلڪار باب چمن ويجهو معمول جي چيڪنگ ڪري رهيا هئا : ڊي سي

منظور پشتين جي گاڏي کي روڪڻ بدران هٿياربندن اهلڪارن تي حملو ڪري فائرنگ ڪري ڏني

چمن (م ر د) پشتون تحفظ موومينٽ (پي ٽي ايم) جي سربراهه منظور پشتين کي بلوچستان جي سرحدي شهر چمن مان گرفتار ڪيو ويو. ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

شڪارپور پرسان مهر مارفاڻي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ، 2 ڄڻا قتل

مارفاڻي برادري جي موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن ڳوٺ ڪاهي وٽ شفقت پمپ وٽ مهر ڌر جي ٻن نوجوانن مٿان چٽي فائرنگ ڪري ڏني

فائرنگ جي نتيجي ۾ نوجوان علي شاد مهر ۽ محمد عاصم مهر ٿڏي تي مارجي ويا جڏهن ته هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور پرسان مهر مارفاڻي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 2 ڄڻا قتل ٿي ويا آهن مارفاڻي برادري جي موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن ڳوٺ ڪاهي وٽ شفقت پمپ وٽ مهر ڌر جي ٻن نوجوانن مٿان چٽي فائرنگ ڪري ڏني جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪاري نوڪرين تي پابنديون برقرار رکڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

حڪومت وڃي رهي هئي ويندي ويندي ڊپٽي ڪمشنرز کي اوپن ۽ بلينڪ مقررين ليٽرز تي سرڪاري نوڪريون ڏيڻ لاءِ چيو ويو : جسٽس ظفراحمد راجپوت

اسان سرڪاري نوڪرين کي ميرٽ ۽ شفافيت جو خيال رکيو آهي پهريان ٽرانسپورٽ جو ادارو ايس آر ٽي سي هوندو هو

6 ادارن کي سسٽم تحت هلائيندا ته سيني جو فائدو ٿيندو جيڪڏهن سسٽم بنا هلائيندا ته رڳوان جو فائدو ٿيندو جيڪي سرڪاري نوڪريون ڪن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سڄي سنڌ ۾ گريڊ هڪ کان 15 تائين سرڪاري ملازمتون فراهم ڪرڻ جي ڪيس ۾ سرڪاري نوڪرين تي پابنديون برقرار رکڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو جسٽس ظفراحمد راجپوت اڳوڻي حڪومت پاران سرڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

لاڙڪاڻو: جميعت علماءِ اسلام سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مولانا راشد محمود سومرو پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

نيون تڪبنديون تي گرينڊ الائنس کي اعتراض آهن: راشد محمود

ڪافي عرصي کان پاڪستان ۾ نئين سياسي سيٽ اپ جي حوالي سان سرگرميون جاري آهن

گرينڊ الائنس ۾ شامل سمورن جماعتن تڪبندين تي اعتراض ڪيو پر اليڪشن ڪميشن ان کي ردي جي ٽوڪري ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو

جي يو آءِ اليڪشن ڪميشن کي ڊر سمجهي ٿي ڇاڪاڻ تڪبندين تي صرف پيپلز پارٽي جي اعتراضن کي ٻڌو ويو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جميعت علماءِ اسلام سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مولانا راشد محمود سومرو لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڪافي عرصي کان پاڪستان ۾ نئين سياسي سيٽ اپ جي حوالي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسلام ڪوٽ ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان سرگرميون ٻئي ڏينهن به جاري

گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول حاجي سليمان بجير پاڙي ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي

سنڌي ٻولي ۽ تهذيب تي تقريرون ڪرڻ سان گڏ مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا ويا. ان سان گڏ خاڪا پيش ڪيا ويا

اسان سنڌي هزارين سال پراڻي ثقافت جا وارث آهيون سنڌي ميڊيا پاران ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ وارو عمل بهتر آهي : اڳواڻ

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان سرگرميون ٻئي ڏينهن به جاري آهن ان سلسلي ۾ اسلام ڪوٽ ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول حاجي سليمان بجير پاڙي ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

اسلام ڪوٽ : ثقافتي تقريب دوران ٻار ٽيبلوز پيش ڪري رهيا آهن

سوڀوديرو ۾ پيار جو پرڙو
ڪنڌڙ جوڙي تحفظ جي
گهر ڪري ڇڏي

سوڀوديرو (رپورٽر) پيار جو پرڙو ڪنڌڙ جوڙي تعلقہ پريس ڪلب سوڀوديرو پهچي تحفظ جي گهر ڪري ڇڏي تفصيل موجب رباب خاتون ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو پوليس ڦرجوري ٿيل مال پوليس واپس ڪرائڻ ۾ ناڪام

ٿاڻن تي سالن کان مقرر اهلڪار عوام کي ريليف ڏيڻ بدران پوليس گردي ۾ مصروف

چيف آف آرمي اسٽاف ۽ ٻين ادارن جي سربراهن کي خط ذريعي نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ٺٽو (رپورٽر) ڦرجوري ٿيل مال پوليس واپس ڪرائڻ ۾ ناڪام ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ پاڪستان سني تحريڪ جي عهديدارن جي چونڊ

سني تحريڪ پاران ڏنل ذميواري تي ٻورو لهڻ لاءِ ڪوشش ڪندس : اڳواڻ

پاڪستان سني تحريڪ ضلعي نوشهروفيروز جي عهدن جي ذميواري اسان لاءِ اعزاز آهي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پاڪستان سني تحريڪ ضلعي نوشهروفيروز ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز : پاڪستان سني تحريڪ جي اڳواڻن جو گروپ فوٽو

ٻنون ۾ ثقافتي رنگن جي بهار، پرائمري اسڪول ۾ سماجي تنظيم رائيٽ ٽو پلي پاران تقريب

مختلف پرائمري اسڪولن جي ٻارن مختلف تقريرون ۽ ٽيبلوز پيش ڪري سنڌ جي عظيم ثقافت کي پيش پيش ڪئي وئي

پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ شهر جي معززين ايس ٽي پي اڳواڻ عبدالڪريم پليجو، گسٽا اڳواڻ عبدالرحيم قاضي ۽ ٻيا شامل

امتياز ميمڻ، ڊاڪٽر صوفي عظيم، جسقم اڳواڻ سرفراز سومرو، لونگ مهيشوري، صحافي غلام مصطفيٰ سومرو ۽ ٻيا موجود هئا

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون ۾ ثقافتي رنگن جي بهار..!! ٻنون جي مين پرائمري اسڪول ۾ سماجي تنظيم رائيٽ ٽو پلي پاران چلڊرن ڊي ۽ سنڌي ثقافتي پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ جشن مختلف پرائمري اسڪولن جي ٻارن مختلف / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سينيٽر مولانا عبدالغفور حيدري
8 ڊسمبر تي جيڪب آباد ايندو :
ڊاڪٽر اي جي انصاري

باهو ڪوسو (رپورٽر) جي يو آءِ جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل سينيٽر مولانا عبدالغفور حيدري 8 ڊسمبر تي جيڪب آباد اچي رهيا آهن جلسي ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏڙو : پرائمري اسڪول ۾ ٿيل ثقافتي تقريب جو ڏيک

نوشهروفيروز پريس ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر، نوجوان فوت

موٽر سائيڪل سوار نورپور واسي نوجوان عارف وڳڻ ولد نياز وڳڻ موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

پوليس ٽريڪٽر ٽرالي ڊرائيور ساجن پريو کي گرفتار ڪري ٽريڪٽر ٽرالي تحويل ۾ ورتي

نوشهروفيروز (ڊسٽرڪٽ رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

جاتي جي ساحلي پٽي جي رهواسي هارين پاران احتجاج

علائقي جي بااثر منهنجي معصوم ٻچن تي تشدد جو نشانو بڻايو : رزاق ٿهيمور

معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر زميندارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي

جاتي (رپورٽر) جاتي جي ساحلي پٽي جي رهواسي هارين ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دولتپور واسي صحافي فقير حق نواز قلندري عمري شريف بعد ڏيهه واپس پهتو

رسول بخش انڙ مختيار انڙ ۽ ٻين گڏ سنڌس رهائش گاهه تي پهچي ڪيس مبارڪون ڏنيون

اصل زندگي محبوب مدني سرڪار ۽ ڪعبة الله شريف جي زيارت آهي : فقير حق نواز قلندري

دولتپور صفن (نيشنل پريس ڪلب دولت پور) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪراچي ۾ عورتن جي آگاهي مهم جي حوالي سان سيمينار منعقد

معاشري ۾ عورتن سان جهڙي ريت ظلم تشدد ۽ ان مقان مختلف قسمن جا چارٽر ڪيا ويندا آهن : اڳواڻ

اهميت، ڪردار ۽ عورت جي همت کي سارائڻ لاءِ اسان سڀني کي هڪ ٻي قدم کڻڻ پوندو

سياسي سماجي توڙي گهريلو زندگي جي حوالي سان اسان عورتن جي حقوق لاءِ پرزور آواز بلند ڪندا سين

ڪراچي (باقي ساگر پنهور) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪراچي : سيمينار دوران اڳواڻ عورتون ويٺل آهن

ٺٽو : ڪي ٽي اي واهه ۾ رهواسي
ننڍي ٻار کي بچائيندي ٻڏي ويل
وڏي ٻار جو لاش هٿ نه آيو

ٺٽو (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر ۾ ڊي آءِ جي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران غريب ٻارن جي قيدي هوم جو دورو

چيئرپرسن فرزانہ ڪوسو ۽ معصوم نثاري پرين جي ڊي آءِ جي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي قيدي هوم پهچڻ تي ڀليڪار ڪيو

قيدي هوم 70 ڪان مٿي ٻارڙين موجود آهن جيڪي يتيم ۽ سهولت سسٽ ام جي ڪفالت قيدي هوم ڪري رهيو آهي : فرزانہ ڪوسو

قيدي هوم جي اداري جي يتيم ۽ غريب ٻارڙن جي ڪفالت ڪندي انسانيت جي اعليٰ مثال قائم ڪئي آهي : ڊي آءِ جي / اي سي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سکر : قيدي هوم جي دوري دوران اڳواڻن جو گروپ فوٽو

جيڪب آباد آزاد اميدوار
عمران علي جمالي پ پ
۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد جي وارڊ 22 کان آزاد اميدوار عمران علي جمالي پ پ ۾ شموليت اختيار ڪري ڇڏي ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سوڀوديرو شهر جو سوشل ورڪر شاهنواز سومرو لاڏاڻو ڪري ويو

بينڪ جو رٽائر ملازم شاهنواز سومرو ڪجهه وقت بيمار رهڻ کانپوءِ ڏکي حالي جي ...

خبر پوڻ تي هر هڪ شهري هن جي موت تي به هڪ ٻي سان گلي لڳي روئيندا رهيا

سوڀوديرو (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽو ڪوٽ جا اسڪول ٻئي ڏينهن تي به ايڪتا جي رنگن سان رنگيل

ايشين فائونڊيشن سيڪنڊري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي

ايڪتا اسان جي عيد آهي جيڪا هر سال جوش جذبي سان ملهائيندا آهيون : اڳواڻ

ٺٽو ڪوٽ (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽو ڪوٽ : ثقافتي تقريب دوران ٻارڙيون ٽيبلوز پيش ڪري رهيون آهن

شهدادپور ۾ سنڌي ميڊيا جي سڏ تي ثقافتي رنگ نکري پيا

ڊاڪٽر عبدالمجيد چنو، وڏيرو حاجي عامگير جوٽيجو، مشهور بلدرونود ڪمار ۽ ٻين جي شرڪت

هندو پنچائت جي صدر، ونود ڪمار، پوليس انسپيڪٽر طفيل پنهور ۽ ٻين کي ٻوسڪي جا پٽڪا ٻڌرايا ويا

سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب هزارين سال پراڻي آهي اسان کي پنهنجي سنڌي ثقافت تي فخر آهي : اڳواڻ

شهدادپور (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنڌڪوٽ ڪان شڪارپور ويندڙ ويگن سان حادثو، 10 فوت

قومي شاهراهه تي اوور ٽيڪ سبب پيش آيو، زخمين کي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٻه ويڪنون ٽائر بچائڻ خاطر تيز رفتاري ۽ سان روڊ تي گامزن هيون ته حادثو پيش آيو

پويان ايندڙ ويگن به انهيءَ ويگن کي اچي لڳي جنهن سبب خطرناڪ حادثو پيش آيو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) ڪنڌڪوٽ ڪان شڪارپور ويندڙ ويگن سان حادثو، 10 فوت ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

اسلام ڪوٽ جي مختلف ڳوٺن ۾ ٽي بي جي مرض جي اسڪريننگ لاءِ هيلٿ ڪيمپ قائم

ٿر فائونڊيشن پاران مختلف ڳوٺن ۾ ٽي بي جي مرض جي اسڪريننگ لاءِ هيلٿ ڪيمپ لڳايون وين، 733 ڄڻن جي چڪاس

ڪيمپن ۾ اسڪريننگ ذريعي ٽي بي جي مرض جي نشاندهي ٿي سگهندي، جنهن کانپوءِ علاج شروع ٿي سگهندو : امام علي ٿيٻو

ٿر جي ڏورانهن علائقن ۾ صحت جي سهولتن جي رسائي کي يقيني بڻائڻ ٿر فائونڊيشن جي عزم کي ظاهر ڪري ٿو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

اسلام ڪوٽ : ٽي بي جي مرض جي اسڪريننگ لاءِ قائم ڪيمپ اڳيان اڳواڻ بيٺل آهن

نواب ولي محمد پريسان ڳوٺ
غلام نبي ڪيڙو ۾ ڳوٺاڻن
پاران احتجاجي مظاهرو

نواب ولي محمد (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊو محمد خان پريسان غريب پوڙهيت چنگچي ڊرائيور جي گهر ۾ ڌاڙو

باهه لڳڻ سبب گهر ۾ پيل ڪپڙا، هنڌ بسترا، ٿانون روڪ رقم سميت آهه تاهه سڙي رک ٿي ويو

متاثر پوڙهيت ضلعي انتظاميا توڙي سرڪاري وارن ڪان مالي سهائتا جي اپيل ڪئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي جي دريا خان رند ڳوٺ ۾ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو

سنڌ جي ثقافت دنيا جي قديم ترين ۽ خوبصورت تهذيبن مان هڪ آهي : حسين بخش نارئيجو

ثقافت اسان جي معاشري جو حسن ۽ دنيا لاءِ اسان جي قومي ٻولي جو بي مثال نمونو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي : ثقافتي تقريب دوران اڳواڻن جو گروپ فوٽو

بدين : انڊس اسپتال جي ٻارنهن سئو ملازمن کي ٽن مهينن کان پگهارون جاري نه ٿيون

ملازمن کي پگهارون نه ملڻ سبب ملازم فاقڪشي جي زندگي گذارڻ تي مجبور، گهر جي چلهه ٻرڻ به مشڪل

نگران حڪومت جي اعلان ڪيل 50 ڪروڙ بجيٽ جيڪا گذريل مهيني جاري ڪرڻي هئي : ذريعن جي دعويٰ

ٻئي قسط 50 ڪروڙ پهرين ڊسمبر تي جاري ٿيڻي هئي جيڪي ٻئي قسطن يعني هڪ ارب روپيا تائين جاري نه ٿي سگهيا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽون ڳوٺ ڪچي ۾ خوني
تڪرار کي ختم ڪرڻ لاءِ
امن قافلو ڏرين وٽ پهتو

ميهڙ (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين : انڊس اسپتال جي ٻاهران متاثر بيٺل آهن

مٽياري ۾ ضلعي انتظاميا پاران حد دخلين مافيا ۽ غيرقانوني حدخلين خلاف ڪريڪ ڊائون

هالا ۽ ڪيبرائي ۾ پوليس ڪاروائي ڪري غيرقانوني حدخلين هٽايون، ڏنڊ لاڳو، وارننگ جاري

قبضہ مافيا جي خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل ڪري رهيا آهيون : اسسٽنٽ ڪمشنر

ڊي سي جي هدايتن تي اي سي هالا عابد قمر هالا جي مکيه بازارن مان حدخلين هٽائي ۽ ڏنڊ لاڳو ڪيو

... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

"اسڪول جي اسيمبلي ۾ دير سان ڇو آيو آهين" ڏڙو ۾ استاد شاگرد کي لٺيون ۽ مُڪون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

اطلاع ملڻ تي ميمڻا تشدد بعد شاگرد مهدي سومرو کي وارثن فوري طور تي ڏڙو جي سرڪاري اسپتال پهچايو

ٽينگر جي والد محمد علي سومرو ڏڙو ٿاڻي تي شاگرد تي تشدد جي رپورٽ پڻ داخل ڪرائي ڇڏي

استاد پٽ تي وحشيانو تشدد ڪيو آهي، جنهن سبب هو اسپتال داخل ٿي ويو آهي، انصاف ڏياريو وڃي : وارث

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪورنگي ۾ سنڌ ثقافتي ڏهاڙو تي استقباليہ ڪيمپ لڳائي وئي

ڪيمپ ۾ شرڪت ڪندڙن سنڌي 2 ٻي اجرڪ پهرائي مهمانن جو استقبال ڪيو

ثقافت کي هٿي ڏيڻ ۽ نئين نسل تائين پهچائڻ جي فضا قائم ڪرڻ سگهجي ٿي : رانو ليلائت علي خان

ڪورنگي (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

حيدرآباد : سنڌ جي زمينن تي لڳڻ ڌاڙي خلاف عوامي تحريڪ پاران ڪانفرنس ڪرائڻ جو اعلان

ڪانفرنس ۾ سياسي، سماجي ڌرين، اديبن، وڪيلن، صحافين، شاعرن، مزدورن ۽ هارين اڳواڻن کي دعوتون ڏيڻ جو سلسلو جاري

سنڌ جون زمينون ۽ وسيلا سنڌي ماڻهن جي ملڪيت آهن، نيلام ڪرڻ جو نگران حڪومت ۽ نگران سرڪار کي اختيار نه آهي

سنڌ جون زمينون پڳڻ مٿ عيوض ٻين ملڪن کي ڏيڻ سنڌي ماڻهن سان ظلم آهي، هن ظلم خلاف سڀني کي آواز اٿارڻ گهرجي

حيدرآباد (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پ پ سامهون مضبوط اتحاد جي صورت ۾ اليڪشن وڙهنداسين : محمد صالح انڍڙ ۽ ٻيا

پ پ جي ڇوڙ تي ٽڪ بندين ڪري مخالف ڌرين پارٽين جي ووٽ بينڪ کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي

وڏي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي شهري حدون وڌائڻ لاءِ ايس 25 کي ٻهراڙي ۽ ٻهراڙي وارو

ان شهري ووٽ کي ايس 24 جي ڳوٺاڻي علائقي ۾ ضم ڪيو ويو آهي، ان حوالي سان به عدالت سان رجوع ڪنداسين

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سرحد مان بجلي جي
ٻارنهن هزار وولٽيج جون
تارون چوري ٿي ويون

سرحد (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر : محمد صالح انڍڙ ۽ ٻيا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

دولتپور صفن ۾ هڪ چيلو چوري ٿي ويو سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ

واقعي جي اطلاع بعد چور جا فوٽو سي سي ٽي وي اچي ويا

چيلو واپس نہ ٿيو ته ملوث جوابدارن خلاف سخت ڪاروائي ڪنداسين : ڳوٺاڻو

دولتپور صفن (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

گنگو مل تي ٿيل حملي جو
ڪيس جوابدارن خلاف
داخل ڪيو وڃي : عدالت

مٽياري (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

وارهه : انتظاميا جي نااهلي سبب سوئي گئس جو پريشر گهٽ نظر اچي رهيو آهي

واپارين جي ڏنل ٽيڪس سان ئي ملڪي نظام هلندو آهي : محمد جاويد ميمڻ

واپاري برادري ملڪي معيشت جي ترقي، خوشحالي ۽ ڪرنگهي جي هڏي جي حيثيت رکي ٿي

... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر : واپاري اڳواڻ نئين دڪان جو افتتاح ڪري رهيا آهن

سکر ۾ سنڌ ڪلچر ڊي جي شاندار تقريب منعقد، قومي گيتن تي جهمرين

تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن سنڌي گيتن تي رقص ڪري سنڌ ڌرتي سان محبت جو اظهار ڪيو

سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهو چاهي دنيا ۾ ڪٿي به هجن سنڌ محبت سنڌ ڌرتي سان گڏ نه ٿا سگهن : اڳواڻ

سنڌ سميت سڄي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن کي سنڌ جي ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ تي خوشي آهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سگيون پريسان ڳوٺ پيروز لڪ جي رهواسين پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو

مريد حسين لڪ، وڪيل احمد لڪ، قمبر علي لڪ، الهداد لڪ، شڪيل احمد لڪ، ظاهر علي لڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

زمين جي رڪارڊ ۾ تپيدار غلام مصطفيٰ پاڪ قبضو ڪري هٿيار بند ٻهاري ڇڏيا آهن : مظاهرين

ڪريٽ تپيدار غلام مصطفيٰ پاڪ خلاف ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائينداسين

سگيون (رپورٽر) ... / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار ڪراچي سر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور جنڊريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي. رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 05 ڊسمبر 2023ع

سياسي جماعتون پراڻا قصا ڇڏي معاشي منشور پيش ڪن

ملڪ ۾ اليڪشن دوران دستور تہ اهو آهي تہ سياسي پارٽيون مختلف مسئلن جي حوالي سان پنهنجا منشور پيش ڪنديون آهن تہ جيئن ووٽرن کي خبر پوي تہ اها پارٽي يا اڳواڻ چونڊجڻ جي صورت ۾ انهن مسئلن کي ڪيئن حل ڪندا.

وري جيڪڏهن ملڪ جي حالتن ڏانهن نظر ڪجي تہ ملڪي معيشت موجوده مالي بي ضابطگين، سياسي نظام سان ٿيل ويساه گهاتين، پارٽين جي بي ترتيبي ۽ اقتدار جي لالچ جي ڪري ملڪ ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. مختصر لفظن ۾ خزانو خالي آهي، آمدني جا ذريعا نظر نٿا اچن. حڪومتي خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ عالمي ادارن يا دوست ملڪن کان قرض وٺڻ کانسواءِ ڪا بہ حڪومت ڪو بہ ڪم نٿي ڪري سگهي. ان صورتحال ۾ غيرمعمولي مهانگائي برداشت جي حد کان وڌي رهي آهي ۽ ڪاروبار رڪيل ملڪ جو معاشي چرخو هلي نہ سگهڻ سبب روزگار جا موقعا گهٽجي ويا آهن. يعني پاڪستان هڪ اهڙي معيشت آهي، جيڪا پنهنجا خرچ بہ برداشت ڪري نٿي سگهي، وري ٻئي پاسي آبادي ۾ اضافو جاري آهي. جنهن ڪري هر سال لکين نوجوان بيروزگار آهن.

رياست وٽ ڪي اهڙا وسيلا نہ آهن تہ هو تعليم يا روزگار ڏئي ان نوجوانن جي صلاحيتن مان ڪو وڏو فائدو حاصل ڪري سگهي. اهڙي صورتحال ۾ سياسي پارٽين کي تہ انهن مسئلن جي حل لاءِ هڪ اهڙي نئوس حڪمت عمليءَ جي ضرورت پوندي، جيڪا اتفاق راءِ سان اختيار ڪري سگهجي. پر شايد هن طرف ڪو ڌيان ڏيڻ جي لاءِ تيارئي نہ آهي. اينڌڙ چونڊن بعد مسلم ليگ (ن) حڪومت ناهي يا وري تحريڪ انصاف يا پيپلز پارٽيءَ اقتدار تي ويهي.. قومي وسيلن کي ڪئين وڌايو وڃي، پرڏيهي قرضن کي ڪئين گهٽايو وڃي ۽ پيداوار وڌائي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا ڪيئن پيدا ڪيا وڃن. ان جو جواب پيش ڪرڻ لاءِ ڪو بہ تيار نہ آهي. هن صورتحال ۾ سچ اهو آهي تہ اليڪشن جي نتيجي ۾ جيڪا بہ پارٽي ڪامياب ٿيندي ان لاءِ وڏا چيلينج آهن. هر ڌر اقتدار حاصل ڪرڻ چاهي ٿي پر ملڪ جي اصل مسئلي معشيت کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ ڪا بہ رٿابندي ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ آهي.

ان ڪري ملڪ جي سياسي بحث ۾ جماعتون ڪنهن بہ عوامي مقصد واري ڳالهہ يا وري منشور جو ذڪر ڪرڻ بدران هڪ ٻئي تي ذاتي نوعيت جي بحث کي موضوع بڻائين ٿيون. انهن جماعتن جي اهڙين ڳالهين کان ملڪ جي سنجيده اڪثريت بيزار نظر اچي رهي آهي. سڀ کان اهم سياسي چئلينج معاشي استحڪام پيدا ڪرڻ جو سوال آهي، پر سياسي اڳواڻن وٽ قصا ٻڌائڻ کانسواءِ مسئلي جو ڪو بہ حقيقي حل ناهي.

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون ڪي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرَ! ڪي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريوانِ ڪي.

آءِ ايم ايف ۽ معيشت جا ممڪن سڌارا

رياض ابڙو

پاڪستان جا آمريڪا ۽ آئي ايم ايف سان تعلقات صحيح ناهن پوءِ ڪير ڪيترو بہ چئي يا ڪجھ بہ چئي يا ڪيتري بہ وڪالت ڪري تہ بہ حڪومت جا ٽيڙ ٽيشن تي هوندا آهن يا روس سان تيل جا معاهدا يا روس کي اسٽيل مل جو ڏيڻ يا ڪي پي ٽي جو ٽرمينل يو اي اي کي ڏيڻ (ان ڪري تہ 2030 تائين دنيا مان توانائيءَ جا ذريعا ڪي ٻيا هوندا تڏهن اماراتي عربن ۽ ٻين عرب ملڪن جي لاءِ اهو ڏکيو هوندو تہ اهي پنهنجو سروائيول پيدا ڪري سگهن) ان ڪري سعودي سرڪار بہ رڳو وزيٽرز تي ڏيان پئي ڏئي ۽ چون ٿا 25 لک حاجين جي اميد هئي پر رڳو 16 لک آيا آهن ان ڪري جيڪو ٽارگيٽ هيو اهو پورو ناهي يا ڳالہ پئي ڪئي سين تہ انهن وٽ جڏهن تيل جون دولتون ختم ٿي وينديون يا دنيا مان جڏهن تيل جو ڪاپو گهٽجي ويندو تہ اهي اسان جهڙن ملڪن ۾ صنعتي زون ناهيندا يا صنعتي ترقي اسان وٽ ان ڪري بہ ممڪن هوندي جو اسان وٽ ڪنزيومر گهڻا آهن يا جي ماڻهو هڪ ڪوپ چانہ جو بہ پيئي تہ ڪمپنيءَ کي اربين روپيا ڏئي سگهي ٿو. ان ڪري اهي سڀ ملڪ آهستي آهستي پير ڪپائيندا. ٻي حقيقت اها بہ آهي تہ ملڪ سڄي جو سڄو گروي رکندا تا وڃن جو سعودي سميت، اماراتي، چين، روس بہ انهن ڳالهين جي دعويداري ڏيکاريندو ۽ ڪنهن بہ حڪومت جي اها طاقت نہ هوندي تہ اهي سڀ ادارا ڇڏائي پنهنجي مٺ ۾ ڪندا. هونءَ بہ ڊي نيشنلائيزيشن جو دور آ جيڪي بہ پرائيويٽ ادارا هلائن ٿا اهي تہ سرڪار جي هٿ تي ٽيڪس ٿا رکن پوءِ مالڪ ڪير بہ هجي يا مشرف جي دور ۾ خانگايل بينڪون يا ٻيا ادارا هاڻي حڪومت جي مٽي جو سور ناهن پر حڪومت جي مٽي جو سور رڳو ٽيڪس ڪليڪشن آ. ان ڪري هاڻي رڳو

ڪي پنجن سالن جي ليز تي ڏئي ڇڏيو اٿن. آءِ ايم ايف جي شرطن مطابق نوان ٽيڪس لڳندا جيڪي هاڻي 720 ارب روپين جا هوندا پر ڳالہ اها بہ آهي تہ اهي انڪم ٽيڪس وارا پئيسا مهيني ماسي وارا پئيسا هجن ٿا يا اهي پئيسا روزجي حساب سان هوندا (هڪ سوال آ) مثال جيڪي پئيسا پيٽرول ۽ ڊيزل جي مد ۾ روز ڪٽجن ٿا اهي پئيسا ارين روپين جي حساب سان حڪومت جي ڪيسي ۾ پوندا رهن ٿا. پر حڪومت بہ هاڻي جي ڏندن وارو ڪم ٿي ڪري تہ ڏيکاري هڪڙو ٿي ۽ ڪري ٻيو ٿي. هاڻي هنن تہ ذخيرا اندوزيءَ تي اهڙي پابندي هنئي آ جنهن جو ڪولاپ ڪونهي چو تہ حڪومت رڳو 30 سيڪڙو پيٽرول ۽ ڊيزل مس ٿي امپورٽ ڪري باقي 70 سيڪڙو تہ گهرو پيداوار مان حاصل ڪري ٿا وٺن. گيس بہ 30 سيڪڙو مس امپورٽ ڪندا يا ايران جي رستي جيڪو پائيپ لائين وارو منصوبو آهي اهو زرداري صاحب جي دور ۾ ئي رٿيل هيو پر حڪومت ۽ رياست جي ڪن اندورني مفادن جي ڪري رڪجي رڪجي وري هاڻي سانباها ڪيا اٿن تہ اهو هلائيندا. پر چالاڪي اها بہ اٿن تہ رياست جيڪي ڊيزل، پيٽرول (خام تيل) گهرائي ٿي تہ اهو جي ڊالر جي مد ۾ پوين ٿو تہ لوڪل پروڊڪشن مان حاصل ڪيل تيل بہ ائين ئي ٿا ڪپائن تہ جيئن ان تي هڪ تہ ٽيڪس وٺي سگهن معني هاڻي هنن جي لاءِ آساني آ تہ گهرو پيداوار بہ انهن کي ڊالرن جي اگهہ تي ڪپائيندا ۽ پيٽرول ۽ ڊيزل بہ ان طرح ڪپائيندا ۽ هاڻي گيس بہ. چو تہ انهن طريقن سان حڪومت ٽن طريقن سان ٽيڪس ڪمائي سگهي ٿي يا ليوي وٺي سگهي ٿي. هڪ تہ جيڪو امپورٽ ٿو ڪري ان کي ڦرن ٿا. جيڪو وري ترن جو تيل ترن مان ئي ڪڍي ٿا وٺن. ٻيو تہ جيڪو ريٽيلر آهي يا

ڪري سگهندا يا ڪير انهن کي چوڻ وارو آهي تہ ڪيو چا ٿا؟ پوءِ حڪومت يا رياست جي اهڙي فرسوده ۽ بيڪار قانون پاس ڪرڻ مان فائدو يا انهن جي اهڙي قانون پاس ڪرڻ سان ماڻهو هاڻي دهل ڪٽي نچندا يا روس جي پيٽرول يا خام تيل جي جهازن پهچڻ سان ماڻهو بجا تير بجا ڪندا فائدو چاهي اهڙن قانونن پاس ڪرڻ سان يا عام ماڻهن سان ڊرامو ٿا ڪن؟
پر ٽيڪس ڪليڪشن اها بہ آهي تہ هر دوڪاندارن وٽ هڪ اهڙي مشين رکي وڃي جيڪا هر گراهڪ کي بل ڏيندي رهي. اها حڪومت جي ٽيڪس جو پلي روپيو چو نہ هجي پلي ڪٽي ۽ دوڪاندار هر يوزر کي بل ضرور ڏئي. اها مشين ان ڪري بہ ضروري آهي تہ جيڪي بہ ڪاروبار ڪن ٿا اهي ڪمائن تہ ٿا پر انهن مان حڪومت انڪم ٽيڪس جي اوڳاڙي نہ ٿي ڪري سگهي. پوءِ انهن کي رڳو هڪ مشين مهيا ڪئي وڃي جيڪا انڪم ٽيڪس جي اداري سان نيٽ ورڪ جي ذريعي ڳنڍيل هجي جنهن مان رڳو هڪ بل نڪري تہ ان تي روپيو حڪومت کي ملي تہ حڪومت پنهنجا سڀ قرض پڪا لاهي سگهي. تہ جيئن پيٽرول ۽ ڊيزل جي مهانگي ڪرڻ يا ڪنهن ٻي هروڀرو ٽيڪس جي ضرورت نہ پوين. هڪ ٻي ڳالہ اها بہ آهي تہ اهي سڀ شيون ٻين ملڪن ۾ هلن ٿيون جو ڪو بہ اصراف ڪنهن شيءِ استعمال ڪرڻ جو سرچيندو تہ پهرين ان کي اها ڳالہ ذهن ۾ هوندي تہ دوڪاندار کان بل ضرور وٺنو آهي. يا ماڻهو جنهن بہ ٽرانسپورٽ کي استعمال ڪندو ان کي ٽڪيٽ جو چوندو. ان ڪري سيلز ٽيڪس جي مد ۾ هر فيڪٽري کان يا هر ميڊيسن ڪمپنيءَ کان جڏهن اوڳاڙي ڪري سگهن ٿا تہ اهي

هولوڪاسٽ ۽ عيسائي ملڪ

تحرير: رياض ابڙو

هولوڪاسٽ ۾ ڪنهن بہ مسلمان ۽ عرب ملڪ جو هٿ نہ هو اهي سڀ جرمني جي ناڪاميءَ جا بدلا هيا جو يهودي فوج انهن سان نہ نڀايو ۽ پنهنجي ملڪ جي بدنامي ڪئي. جڏهن روس ۽ هالينڊ سان لڙائي ٿي تہ انهن غيرجرمنين جو ساٿ ڏنو ۽ جرمني جي حق ۾ ڪجھ بہ نہ ڪيو معني جرمني سان بي وفائي ڪري دشمن جو ساٿ ڏئي ويٺا. پر اهي ملڪ جن جي هٿ ۾ ان وقت جي طاقت ۽ بربريت هئي جيڪي پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ وڏا مهندار هيا جن وٽ فوجي طاقت سان گڏ معيشت بہ ڀلي هئي انهن ملڪن ۾ جرمني، جاپان ۽ اٽلي ها ۽ انهن جي مقابلي ۾ آمريڪا، روس، چائينا، برطانيا ۽ فرانس هون. دنيا ان گهٽتي ۾ بہ هئي تہ "پاور بيلينس" ڪيئن ڪجي. جيڪي ملڪ طاقت ۾ گهڻا آهن ان جي برابري ڪيئن ڪجي. جن ملڪن ۾ فوجي طاقتون گهٽيون هيون اهي ڪهڙي طرح ان طاقت جي هول ڪول مان گهٽايا وڃن. ان ڪري سڀ کان وڏي گهٽتي آمريڪا سميت ٻين ملڪن کي بہ هئي تہ اهي ڪهڙي طرح بہ جرمني، اٽلي ۽ جاپان جي طاقت جو خاتمو آڻين ۽ پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪري ڪهڙي بہ طرح جرمني جي

01 *** بقايا

مون کي جهڙي طرح پڪڙيو ويو اهو سڀ هڪ پلان هو لنڊن پلان نواز شريف کي آڻڻ اسان کي جيلن ۾ وجهڻ ۽ پي ٽي آءِ کي ختم ڪرڻ لاءِ هو 9 مئي لنڊن پلان جو حصو هو مون کي غير آئيني طور تي پڪڙيو ويو 48 ڪلاڪن ۾ اسان جي 10 هزار ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو ياسمين راشد واضح طور تي چئي رهي هئي تہ

پارٽين جي سياسي حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو (ن) ليگ ۽ جي يو آءِ وچ ۾ سيٽ ايڊجسٽمينٽ بابت بہ ڳالهين ڪيون ويون.

04 *** بقايا

ڪندي نوازليگ اڳواڻ طلال چوڌري چيو تہ بلاول ڀٽو زرداري پنهنجو سياسي قد وڌائڻ لاءِ پارٽي جي اڳواڻن مٿان تنقيد ڪري رهيو آهي پر هو نوازشريف جو مقابلو نٿو ڪري سگهي. هن چيو تہ

بقايا | سنڌيار | 01

خاتون ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته منهنجو پيءُ لالچي قسم جو ماڻهو آهي منهنجي شادي هڪ موالي ۽ نشئيءَ سان ڪرائڻ پيو چاهي جيڪا ڳالهه مون کي پسند نه آئي جنهن جي ڪري مان ٽن ڪپڙن سان پنهنجي پيءُ جي گهران نڪري مون شفقت علي ولد ڪوڙل خان چانڊيو سان پيار جو پرڻو ڪيو آهي جنهن تي منهجو پيءُ ۽ ان جا ساٿاري مون کي جان کان مارڻ لاءِ تيار ويٺا آهن جنهن لاءِ مان چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ ڪراچي آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ڊي ايس پي سوپوديرو ايس ايڇ او سوپوديرو کي اپيل ٿي ڪيان ته مون کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي جيئن مان رهيل زندگي آزاديءَ ۽ سڪون سان گذاري سگهان

بقايا | سنڌيار | 02

وئي. تقريب ۾ اسڪولي شاگردن ٻاران سنڌي ٻولي ۽ تهذيب تي تقريرون ڪرڻ سان گڏ مختلف ٽيبلوز پيش ڪيا ويا. ان سان گڏ خاڪا پيش ڪيا ويا ۽ سنڌي نغمن تي رقص پڻ ڪيو ويو تقريب ۾ ٻجير برادري جي معززين پ پ ڪائونسلر حاجي الهڏنو ٻجير حاجي سليمان ٻجير مبارڪ ٻجير، علي اڪبر، محمد هاشم. پانڌي خان. برڪت ٻجير، محمد اسماعيل. رزاق ٻجير. آچار ٻجير نظير احمد. محسن رياض گل. رسول بخش ملهار خان سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ شاگردن جي حوصلا افضائي لاءِ انعام پڻ ڏنو تقريب کي خطاب ڪندي اسڪول جي هيڊ ماسٽر ...

عبدالڪريم ابڙو سيد رفيق شاهه نظير احمد جوڻيجو محمد اشرف جوڻيجو ڊاڪٽر ضمير حسين سومرو علي رضا ڏاهري امتياز سومرو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ پهچي ڪيس مبارڪون ڏنيون ان موقعي تي فقير حق نواز قلندري چيو ته اصل زندگي محبوب مدني سرڪار ۽ ڪعبته الله شريف جي زيارت آهي الله پاڪ هر مسلمان کي اها زيارت نصيب فرمائي

بقايا | سنڌيار | 11

رائو جي مختلف ڪلاسن جو دورو بي ڪيو ڦيري هوم جي ننڍي ٻرين جي چهرن تي مسڪراهٽ وڌي اسسٽنٽ ڪمشنر صوبيه فلڪ رائو جي انهن سان ملاقات جي دوران گفتگو ۾ ان جي پسنديده ڪاڻ وارين شين سميت ٻيون ڳالهيون بي ڪيون ڦيري هوم جي چيئرپرسن فرزانه ڪوسو جي ڊي آئي جي ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي اداري جي متعلق بريفنگ ڊيندي ٻڌايو ته سکر ۾ ڦيري هوم اهو واحد ادارو آهي جنهن ۾ 70 کان مٿي ٻارڙيون موجود آهن جيڪي يتيم ۽ سهولت سميت ام جي ڪفالت ڦيري هوم ڪري رهيو آهي جنهن تي ڊي آئي جي عبدالحميد ڪوسو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر صوبيه فلڪ رائو جي ڦيري هوم جي چيئرپرسن جي ڪاوشن کي ساراهيو ان جي حوصلا افزائي ڪئي جڏهن ته صوبيگ فلڪ رائو جي ڦيري هوم جي وزٽ واري بڪ ۾ پنهنجا تاثرات بي لکيا اسسٽنٽ ڪمشنر صوبيه فلڪ رائو جو چوڻ هو ته ڦيري هوم جي اداري جي يتيم ۽ غريب ٻارڙن جي ڪفالت ڪندي انسانيت جي اعليٰ مثال قائم ڪئي آهي ڦيري هوم جي مشن کي اڳتي وڌائيندي تعمير و ترقي ۾ ڀرپور تعاون ڪرڻ ۽ ...

2 مهينن جي مهلت گهري ورتي آهي. ان ڪانپوءِ دعاخير جي گهري وئي، اهڙي خبر اچڻ تي علائقي ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 19

ڪپڙا، هنڌ بسترا، ٿانون روڪ رقم سميت الهه ... سڙي رک ٿي وين متاثر پورهيت بشير اعوان ٻڌايو ته هو پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪندو آهي هن چنگچي هلائي پورهيو ڪري 2 مهينون ... ورتيون جيڪي گهر نهرائڻ لاءِ رکي بيس رکيا ...

مختيار ڪار غلام مصطفيٰ صدر ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 28

مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ اسماعيل خاصخيلي ۽ اظهار دائودپوٽي ناليواري اديب جامي چانڊيئي، پروفيسر مشتاق ميرائي، فهيم نوناري، نور محمد ٻجير، ادريس لغاري، دستگير ٻٽي، سليمان جي ابڙي، صحافي نعمت کهڙي ۽ امر ...

سگهي، سنڌ هميشه باب السلام رهي آهي ۽ هميشه رهندي سنڌ دشمن طاقتون پنهنجي ناپاڪ عزائم ۾ ڪامياب نه ٿينديون ۽ سنڌ جي بجاءِ لاءِ سنڌ ۾ رهندڙ سڀئي ٻولي ڳالهائيندڙ گڏجي سنڌ جي تعمير ۽ ترقي لاءِ منظم طريقي سان ڪم ڪندا. هن چيو ته سنڌ سميت سڄي دنيا ۾ رهندڙ ماڻهن کي سنڌ جو ثقافتي ڏهاڙو ملهائڻ تي خوشي آهي مهمان چيو ته سنڌ جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ نئين نسل ۾ شعور اجاگر ڪرڻ جي وڏيڪ ضرورت آهي ته جيئن ...

علي شيخ، ڪاشف سومرو، ... آڪاش راماڻي، ارسلان عامر ... ميمڻ، ساجد مهر، فهيم ميمڻ ... (ٿنا) ٻاران آيل مهمانن ۽ ... ۾ سنڌ جو روايتي تحفو اجرڪ ۽ ... جڏهن ته شرڪت ڪندڙن سنڌي ... ڪري سنڌ ڌرتي سان محبت ... تقريب دوران مهمان سنڌي ايسو... آمريڪا جي صدر ڊاڪٽر مقبول ... خطاب ڪندي چيو ته ٽيڪساس ...

خلاف هڪڙي گهري سازش آهي بحريا ٽائون، ڊي ايڇ سٽي، ذوالفقار آباد جهڙن وڏين اسڪيمن وسيلي اگ ٿي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪيو آهي. هن چيو ته سنڌ جي زمينن، قدرتي ۽ معدني وسيلن تي سنڌي عوام جو حق آهي. هن سنڌ جي ساجاه وندن کي اپيل ڪئي ته سنڌين جو قومي وجود ۽ وسيلا بچائڻ لاءِ پرامن جمهوري جدوجهد ڪري پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪن.

بقايا | سنڌيار | 40

مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ اسماعيل خاصخيلي ۽ اظهار دائودپوٽي ناليواري اديب جامي چانڊيئي، پروفيسر مشتاق ميرائي، فهيم نوناري، نور محمد ٻجير، ادريس لغاري، دستگير ٻٽي، سليمان جي ابڙي، صحافي نعمت کهڙي ۽ امر سنڌو سان الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون. ملاقات دوران ناليواري اديب جامي چانڊيئي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جون زمينون ۽ وسيلا سنڌي ماڻهن جي گڏيل ملڪيت آهن. جن کي نيلام ڪرڻ جو چونڊيل حڪمرانن ۽ نه ئي نگران سرڪار کي اختيار آهي. سنڌ جو عوام سنڌ جي زمينن جي نيلامي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندو. ملاقات دوران پروفيسر مشتاق ميرائي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جون زمينون پڳڙن مٽ عيوض ٻين ملڪن کي ڏيڻ سنڌي ماڻهن سان ظلم آهي هن ظلم خلاف سمورين ڌرين کي گڏيل آواز اٿارڻ گهرجي. فهيم نوناري چيو ته سنڌي قوم کي ديوار سان لڳائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي پئي وڃي. امر سنڌو ملاقات دوران ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي زمينن تي بي زمين مقامي هارين جو حق آهي. سنڌ جون زمينون ۽ وسيلا بچائڻ خاطر سگهاري جدوجهد جي ضرورت آهي. صحافي نعمت کهڙي چيو ته سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ وارو فيصلو سنڌ جي وجود تي وار ڪرڻ جو اعلان آهي. سنڌي ماڻهو گڏيل ۽ ٻڌي جدوجهد ذريعي پنهنجي ڌرتي ماءُ جو تحفظ ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ اچن. عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته پاڪستان نهڻ شرط سنڌ جي شهرن، نوڪرين، روزگار، قدرتي ۽ معدني وسيلن تي قبضي ڪرڻ جي شروعات ڪئي وئي، ون يونٽ هٿي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي ڌاڙو هنيو ويو هو جيڪو اڄان تائين جاري آهي. زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون عسڪري ادارن کي ڏيڻ جو منصوبو سنڌين خلاف هڪڙي گهري سازش آهي. بحريا ٽائون، ڊي ايڇ سٽي، ذوالفقار آباد جهڙن وڏين اسڪيمن وسيلي اڳ ئي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪيو آهي. هن چيو ته سنڌ جي زمينن، قدرتي ۽ معدني وسيلن تي سنڌي عوام جو حق آهي. هن سنڌ جي ساجاه وندن کي اپيل ڪئي ته سنڌين جو قومي وجود ۽ وسيلا بچائڻ لاءِ پرامن جمهوري جدوجهد ڪري پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪن.

بقايا | سنڌيار | 41

آف پاڪستان سکر ضلعي جي نئين تڪبندين ۾ ڌرهڃ جو مظاهرو ڪندي پ ب جي چوڻ تي ...

بقايا | سنڌيار | 43

خلاف داخل ڪيو وڃي عدالت ۾ سنئير صحافي گنگومل پنهنجي وڪيل مير احمد مگريو معرفت درخواست داخل ڪندي موقف اختيار ڪيو هو ته چيف آف آرمي اسٽاف ٻاران ملڪ مان افغاني پناهگيرن سميت ٻين ڌارين کي واپس پنهنجي ملڪ موڪلڻ واري اعلان ڪانپوءِ جامشورو ضلعي ۾ رهندڙ افغاني پٺاڻن جون پوسٽون شيئر ڪيون هيون ته پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي ملڪ اسد جو سائي ميونسپل ڪميٽي پولهاڙي جو چيئرمين فقيرداد ڪوسو ڪوٽڙي ۾ رهندڙ افغاني پٺاڻن وٽ وڃي خاطري ڪرائي هئي ويٺا هجو سندن ڪير به نالو نه وٺندو اهڙيون پوسٽون شيئر ڪرڻ ڪانپو فقيرداد ڪوسو مختلف ماڻهن هٿان قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون اماڻيون هيون 6 نومبر تي متياري جي شارو شاهه روڊ تي پنهنجي دڪان تي موجوده هئس ته 2 نامعلوم جوابدارن قاتلانو حملو ڪري چيو ته تون رئيس فقيرداد ڪوسو خلاف پوسٽون ٿو هلائين اسان کي رئيس موڪليو آهي ته تون کي ساري اڄجو اهو چئي جوابدارن لٺين سان حملو ڪري مغز پاٿهن ۽ ٽنگ ۾ ڌڪا هڻي سخت زخمي ڪيو علائقي واسين جي مداخلت ڪانپوءِ جوابدار فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا علاج ڪرائڻ ڪانپوءِ ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ متياري پوليس ٿاڻي تي ويس ته پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

بقايا | سنڌيار | 44

مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ اسماعيل خاصخيلي ۽ اظهار دائودپوٽي ناليواري اديب جامي چانڊيئي، پروفيسر مشتاق ميرائي، فهيم نوناري، نور محمد ٻجير، ادريس لغاري، دستگير ٻٽي، سليمان جي ابڙي، صحافي نعمت کهڙي ۽ امر سنڌو سان الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون. ملاقات دوران ناليواري اديب جامي چانڊيئي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جون زمينون ۽ وسيلا سنڌي ماڻهن جي گڏيل ملڪيت آهن جن کي نيلام ڪرڻ جو چونڊيل حڪمرانن ۽ نه ئي نگران سرڪار کي اختيار آهي. سنڌ جو عوام سنڌ جي زمينن جي نيلامي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندو. ملاقات دوران پروفيسر مشتاق ميرائي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جون زمينون پڳڙن مٽ عيوض ٻين ملڪن کي ڏيڻ سنڌي ماڻهن سان ظلم آهي هن ظلم خلاف سمورين ڌرين کي گڏيل آواز اٿارڻ گهرجي. فهيم نوناري چيو ته سنڌي قوم کي ديوار سان لڳائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي پئي وڃي. امر سنڌو ملاقات ...

بقايا | سنڌيار | 46

مرڪزي جنرل سيڪريٽري نور احمد ڪاتيار، مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪيٽ اسماعيل خاصخيلي ۽ اظهار دائودپوٽي ناليواري اديب جامي چانڊيئي، پروفيسر مشتاق ميرائي، فهيم نوناري، نور محمد ٻجير، ادريس لغاري، دستگير ٻٽي، سليمان جي ابڙي، صحافي نعمت کهڙي ۽ امر سنڌو سان الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون. ملاقات دوران ناليواري اديب جامي چانڊيئي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جون زمينون ۽ وسيلا سنڌي ماڻهن جي گڏيل ملڪيت آهن جن کي نيلام ڪرڻ جو چونڊيل حڪمرانن ۽ نه ئي نگران سرڪار کي اختيار آهي. سنڌ جو عوام سنڌ جي زمينن جي نيلامي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندو. ملاقات دوران پروفيسر مشتاق ميرائي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جون زمينون پڳڙن مٽ عيوض ٻين ملڪن کي ڏيڻ سنڌي ماڻهن سان ظلم آهي. هن ظلم خلاف سمورين ڌرين کي گڏيل آواز اٿارڻ گهرجي. فهيم نوناري چيو ته سنڌي قوم کي ديوار سان لڳائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي پئي وڃي. امر سنڌو ملاقات دوران ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي زمينن تي بي زمين مقامي هارين جو حق آهي. سنڌ جون زمينون ۽ وسيلا بچائڻ خاطر سگهاري جدوجهد جي ضرورت آهي. صحافي نعمت کهڙي چيو ته سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ وارو فيصلو سنڌ جي وجود تي وار ڪرڻ جو اعلان آهي. سنڌي ماڻهو گڏيل ۽ ٻڌي جدوجهد ذريعي پنهنجي ڌرتي ماءُ جو تحفظ ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ اچن. عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار چيو ته پاڪستان نهڻ شرط سنڌ جي شهرن، نوڪرين، روزگار، قدرتي ۽ معدني وسيلن تي قبضي ڪرڻ جي شروعات ڪئي وئي، ون يونٽ هٿي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي ڌاڙو هنيو ويو هو جيڪو اڄان تائين جاري آهي. زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون عسڪري ادارن کي ڏيڻ جو منصوبو سنڌين خلاف هڪڙي گهري سازش آهي. بحريا ٽائون، ڊي ايڇ سٽي، ذوالفقار آباد جهڙن وڏين اسڪيمن وسيلي اڳ ئي سنڌ جي لکين ايڪڙ زمينن تي قبضو ڪيو آهي. هن چيو ته سنڌ جي زمينن، قدرتي ۽ معدني وسيلن تي سنڌي عوام جو حق آهي. هن سنڌ جي ساجاه وندن کي اپيل ڪئي ته سنڌين جو قومي وجود ۽ وسيلا بچائڻ لاءِ پرامن جمهوري جدوجهد ڪري پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪن.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com